# مکيه خلاصو

سال 2022ع ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ 900 ملي ميٽر تائين رڪارڊ طوفاني برساتون پيون. اُنهن وسڪارن جي ڪري نالن ۽ ڍنڍن ڍورن ۾ چاڙهه جي ڪري ٻوڏ آئي ۽ انساني الميا پيش آيا. ٻوڏ سٽيل علائقن جي ماڻهن کي خوراڪ جي کوٽ، معاشي مسئلا، بنيادي سهولتون جي اڻهوند ۽ خاص ڪري صنفي اڻبرابري جو منهن ڏسڻو پيو. انهن برساتن جي ڪري سنڌو درياهه جي وهڪرن ۾ چاڙهه آئي، سنڌوءَ ۾ برساتي پاڻي چوڙ ڪندڙ علائقن ۾ پاڻي جي سطح 0.6 ڪان وڌي وئي هئي. اُن جي نتيجي ۾ انساني جانين، مال متاع، فصلن، نجي عمارتن، صنعتن ۽ عوامي سهولتن جي بنيادي ڍانچي، جهڙوڪ رستن، آبپاشي ڍانچي، حفاظتي بندن، نيڪال جي نظام ۽ ريلوي نيٽ ورڪ کي غيرمعمولي نقصان ٿيو. سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ برساتي ٻوڏ جي ڪري هڪ هزار کان وڌيڪ ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. صوبي ۾ هڪ ڪروڙ 20 لک ماڻهو متاثر ٿيا، 60 هزار گهرن کي مڪمل يا جزوي طور نقصان ٿيو. ماڻهن جي گذرسفر جو ذريعو فصل ۽ زرعي زمين بدترين نموني متاثر ٿي آهي. هڪ ڪاٿي موجب 15 لک اُپت جوڳي زمين مڪمل طور تباهه ٿي وئي. اِن سموري صورتحال کي نظر ۾ رکندي اها ضرورت محسوس ڪئي وئي آهي ته ٻوڏ سٽيل ضلعن ۾ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي سگهه رکندڙ نظام تعمير ڪيو وڃي، اُن سان ٻوڏ جي اثرن کي گهٽائڻ ۾ مدد ملندي.

ٻوڏ دوران هنگامي بحالي جي رٿا (سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ) تحت ريسڪيو 1122 جي خدمتن جو چار 9 ضلعن تائين وڌايو ويندو. جنهن ۾ دادو، ٺٽو، قمبر شهدادڪوٽ، گهوٽڪي، بدين، جيڪب آباد، ڄامشورو، ٿرپارڪر ۽ سجاول شامل آهن. ريسڪيو اسٽيشنز جو انگ وڌائي آفتن ۽ هنگامي حالتن ۾ فوري طبي امداد جي فراهمي لازمي جُز آهي. ريسڪيو اسٽيشنز ٻوڏ سوڌو ٻين هنگامي حالتن دوران وقتي امدادي ڪارروائين لاءِ فعال مرڪزن جو ڪم ڪنديون آهن. انهن اسٽيشنز جي واڌ ۾ مکيه عمارت، لاڳاپيل سهولتون، حياتيون بچائڻ جي مشينري، گاڏين جا پارڪنگ شيڊ، عملو/عملدار، عملي جي رهائشن جا خاڪا ۽ اڏاوت شامل آهي، ته جيئن بحراني حالتن ۾ بهترين ۽ وقتائتين طبي سهولتن کي يقيني بڻائي سگهجي.

اڏاوتي ڪم دوران تجويز ڪيل ذيلي منصوبن جا علائقا محدود آهن. جڏهن ته ذيلي منصوبي جي جائزي واري چيڪ لسٽ ۾ ماحولياتي ۽ سماجي مسئلا شامل اهن. انفرادي چيڪ لسٽون پرڻ لاءِ اپياس ڪرايا ويا، جِن ۾ ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جو خلاصو بيان ڪيو ويو آهي. تجويز ڪيل منصوبي لاءِ مخصوص جاءِ جي حد کان ٻاهر ڪابه اڏاوت شامل نه هوندي. اُن سان گڏ تجويز ڪيل ذيلي منصوبن جي علائقن ۾ ڪا آبادي، ماڻهن جي آمدرفت جو بُنيادي ڍانچو ۽ ڪاروباري سرگرميون نه آهن. تنهنڪري ذيلي منصوبو ايس ايف آر پي ۽ اي ايس ايم ايف(SFERP-ESMF) ۾ بيان ڪيل جزوي خطرن هيٺ اچي ٿو. اُنهن جزوي خطرن توڙي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جو منصوبو (ESMP) تيار ڪيو ويو آهي.

ذيلي منصوبي جي علائقن جي آسپاس 500 ميٽرن تائين ڪي به آڳاٽا آثار يا ماحولياتي لحاظ سان حساس جايون نظر نه آيون ۽ تجويز ڪيل ذيلي منصوبي جي جاءِ تي يا اُن جي پرپاسي ڪي به آڳاٽار آثار نه مليا آهن، جيڪي اڏاوتي سرگرمين طوران امڪاني طور متاثر ٿين ها. سماجي طور حساس جاين جهڙوڪ مسجد، اسڪول، بنيادي صحت مرڪز ۽ قبرستان وغيره تي گوڙ يا ڌوڙ جو اثر ٿي سگهي ٿو.

هن ذيلي منصوبي جا علائقا نيم شهري علائقن ۾ اچن ٿا ۽ اُتي مختلف جايون نظر آيون آهن، جيڪي جانورن ۽ ٻوٽن لاءِ پناهگاهه بڻيل آهن. منصوبي جي سائيٽ تي وڻ ٽڻ، ٻوٽن يا جهنگلي جيوت سوڌو خطرن جي اثر هيٺ ايندڙ جانورن جو ڪوبه نسل رڪارڊ نه ڪيو ويو آهي. ذيلي منصوبي جي علائقي ۾ آبادي وڌڻ جي ڪري جانورن يا جهنگلي جيوت جون گهٽيون جنسون گهٽجي ويون آهن. درياهي ٻيلن ۾ ڪير ڏيندڙ جانورن جون مختلف جنسون رهن ٿيون، جِن ۾ گدڙ، انڊين لومڙ، ڳاڙهو لومڙ، نور، جهنگلي ٻلي ۽ سوئر شامل آهن. پکين ۾ تتر (ڪارو ۽ سُرمائي) به نظر آيو آهي. جڏهن ته پاڻي وارن پکين ۾ ٻگهو ۽ انڊين ريف ٻگهو به مليو آهي. ضلعي ۾ نظر آيل ٻين پکين ۾ ڪبوتري، ڪوئل، چيرو، جهرڪي ۽ ڪٻري شامل آهن. انهن علائقن ۾ ٽالهي ۽ ٻير جا وڻ به مليا آهن. ٻين ٻوٽن توڙي وڻن ۾ ديوي، ٻير، لئو شامل آهن، رستن جي

ڪنارن تي هندستاني انجير، پپ، نِم، سرنهن ۽ گدامڙي به ملندي آهي، ان ڪانسواءِ اَڪ به علائقن ۾ جهجهي مقدار ۾ ڏٺو ويو آهي.

ويجهي زرعي علائقن ۾ گهڻو ڪري ڪڻڪ، مڪئي، ٻاجهر ۽ سرنهن جهڙا فصل اُپايا وڃن ٿا، ان ڪانسواءِ گُلن جا باغ به عام طور تي پرپاسي جي تعمير ٿيل علائقن ۾ ڏٺا ويا آهن، جڏهن ته گلاب ۽ چنبلي جا گُل ضلعي ۾ واپاري آرائشي مقصدن لاءِ اپايا ويندا آهن.
تجويز ڪيل ذيلي منصوبي جي زمين حڪومت جي ملڪيت آهي، ان ذيلي منصوبي لاءِ ڪا خانگي زمين حاصل ڪرڻ جي ضرورت ناهي، اضافي طور تي ڪا پچ ڊاهه يا ٻيهر آبادڪاري شامل نه هوندي. تجويز ڪيل ذيلي منصوبي وارن علائقن ۾ ڪا غير رسمي آبادڪاري موجود نه آهي ۽ معاشي وسيلن ۾ ڪنهن رنڊڪ جو امڪان نه آهي، اڻ سڌي طرح اثرن جهڙوڪ گوڙ ۽ ڌوڙ اڏاوتي ڪم دوران وڌي سگهي ٿي، ٻاهرين افرادي قوت جي آمد، نظرانداز ڪيل فضلو، مزدورن ۽ ڪميونٽي لاءِ پيشاورڻئ صحت ۽ حفاظت جي خدشن سبب سماجي ۽ ماحولياتي اثرن جو امڪان آهي، انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جو منصوبو (اي ايس اي پي) تيار ڪيو ويو آهي. مواد جي چرپر لاءِ موجوده رستن کي استعمال ڪيو ويندو. ڪنهن به ناڪاري اثر جي اڏاوتي مرحلي تائين محدود رهڻ جو امڪان آهي، جيڪي مختصر مدي لاءِ هوندا . ٺيڪيدار لاءِ اِهو ضروري آهي ته هو اڏاوتي مدي دوران رپورٽ ۾ بيان ڪيل اثر گهٽائڻ جي تجويز ڪيل قدمن تي سختي سان عمل ڪري.

امڪاني ناڪاري اثرن کي مناسب اپائن تي عمل ڪري گهٽائي سگهجي ٿو جهڙوڪ گاڏين ۽ مشينري جو باقاعده معائنو ۽ سار سنڀال، ته جيئن اخراج کي گهٽ ۾ گهٽ ڪري سگهجي، ڳري سامان ۽ اوزارن جي گوڙ کي دٻائڻ وارن سينسر يا مفلر سان ليس ڪرڻ ۽ ڪچن رستن چنڪار ڪرڻ، اڏاوتي ملبي يا واڌو ملبي جي ناڪاري اثرن تي مناسب طريقي سان ضابطو ۽ ترت هٽائڻ ذريعي ضابطو آڻي سگهجي ٿو. واڌو تيل کي مناسب طريقي سان ذخيرو ڪرڻ ان جو انتظام ڪرڻ سان گڏوگڏ فعال اڏاوتي جاءِ تي پاڻي صاف ڪري پاڻي جي گدلاڻ تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو، سخت فضلي کي سينيٽري اسٽوريج ذريعي منظم ڪري سگهجي ٿو ۽ مناسب جاءِ تي اڇلائڻ لاءِ باقاعده طور تي گڏ ڪري سگهجي ٿو.

پيشيوراڻي صحت ۽ حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ اپائن جو هڪ سلسلو لاڳو ڪيو ويندو، ان ۾ بيمارين ۽ حادثن کان بچڻ لاءِ باقاعدگي سان معائنو ڪرڻ، مزدورن ۽ مقامي آبادي ۾ شعور پيدا ڪرڻ، صفائي جي قدمن کي لاڳو ڪرڻ، وچرندڙ بيمارين جو انتظام ۽ نگراني ڪرڻ، هنگامي طبي امداد ۽ بچاءَ جي طريقيڪار جو قيام، نيڪال جي سهولتن جي نظام جي فراهمي، پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ۽ عملي لاءِ ڪچري جا دٻا لڳائڻ شامل آهي.

ماحولياتي ۽ سماجي نگراني عالمي بينڪ جي ماحوليات ۽ سماجي فريم ورڪ 2018، سنڌ ماحولياتي تحفظ ايجنسي ايڪٽ 2014، سنڌ فلڊ ايمرجنسي بحالي پروجيڪٽ جي ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي فريم ورڪ، ليبر مئنيجمينٽ جي پلان، بحالي پروجيڪٽ ۽ لاڳاپيل ڌرين جي شرڪت منصوبي تي عمل ڪري چڙيندا جيڪي ان لاءِ تيار ڪيا ويا آهن. ان جو مقصد اثر گهٽتاڻ وارن منصوبن کي باقاعده ۽ اثرائتي نموني لاڳو ڪرڻ آهي. نگراني ٽن سطح تي ڪئي ويندي، سڀ کان پهرين پراجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ جي سطح تي، ماحولياتي ۽ سماجي ماهر حفاظتي قدمن جي نگراني ڪندا، تسلسل سان فيلڊ وزٽ ذريعي اثر گهٽتائڻ وارن منصوبن کي مناسب نموني لاڳو ڪرڻ کي يقيني بڻائيندا، ٻيون فيلڊ سطح تي تي لاڳاپيل اڏاوتي ڪم جي نگراني لاءِ لاڳاپيل عملو حفاظتي نگراني ڪندو. آخر ۾ ٺيڪيدار جي ماحولياتي ۽ سماجي تنظيم اثر گهٽتائڻ وارن منصوبن کي لاڳو ڪرڻ ۽ ماهوار، ٽه ماهي ۽ ٻن سالن جون رپورٽون تيار ڪرڻ جي ذميواري هوندي .
سنڌ فلڊ ايمرجنسي بحالي تي پراجيڪٽ ۽ موجوده ماحولياتي ۽ سماجي انتظام واري منصوبي کي عملي جامو پهرائڻ جي بنيادي ذميواري پراجيڪٽ ڊائريڪٽر جي قيادت ۾ پراجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ تي لاڳو ٿئي ٿي. پروجيڪٽ لاڳو ڪرڻ واري يونٽ کي هڪ سرشار ماحولياتي ۽ سماجي ٽيم جي مدد حاصل آهي، جڏهن ته پراجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ جي اڏاوتي سرگرمين جي نگراني لاءِ ڪنسٽرڪشن سپروزن

ڪنسلٽنٽ جون خدمتون حاصل ڪيون آهن، منصوبو مڪمل ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل شقن کي اڏاوتي معاهدن ۾ شامل ڪيو ويندو.

اٽڪل 11 .96 ملين رپين جو هڪ مخصوص بجيٽ ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي منصوبي کي اثرائتي نموني لاڳو ڪرڻ لاءِ رکي وئي آهي، جنهن ۾ وچرندڙ بيمارين کان بچاءُ جو انتظام به شامل آهي، ان کي ماحولياتي سماجي انتظامن جي منصوبي ۽ بل آف ڪوانٽيٽيز ۾هي ۾ عارضي رقم جي طور تي شامل ڪيو ويو آهي. ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جو منصوبو لاڳو ڪرڻ لاءِ اڏاوتي ٺيڪيدار، اڏاتي نگران ڪنسلٽنٽ ۽ پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ جو سهڪار گهربل آهي. اڏاوتي ٺيڪيدار جي بنيادي ذميواري آهي ته هو ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي منصوبي ۾ بيان ڪيل اثر گهٽتائيءَ وارن قدمن تي عمل يقيني بڻائي، جن کي معاهدي جي دستاويز ۾ شامل ڪيو ويندو. نتيجي طور تي معاهدي جي دستاويزن اندر ماحولياتي اثر گهٽتائي وارن خرچن لاءِ ڌار ڪيٽيگري شامل ڪرڻ لازمي آهي.

جڏهن ته ان صورت ۾ ٺيڪيدار ماحولياتي ۽ سماجي منصوبو لاڳو ڪرڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو ته ان جي اڳيرائي بابت مناسب رپورٽ پيش ڪري. تجويز ڪيل معاهدي جي شرطن تحت ماحولياتي ۽ سماجي انتظام واري منصوبي تي پابندي سميت مڪمل عملدرآمد ڪندو ۽ عالمي بينڪ جي ماحوليات ۽ سماجي فريم ورڪ 2018، ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن واري منصوبي تي عمل جي سرگرمين کي يقيني بڻائڻ لاءِ اِها سفارش ڪئي وڃي ٿي ته عملدرآمد بابت لاڳاپيل سمورن بلن ۽ ادائگين جي تعميراتي نگران ڪنسلٽنٽ کان منظوري ۽ تصديق ڪئي وڃي. ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جي منصوبي تي عملدرآمد جا خرچ عارضي ادائگي جي سرٽيفڪيٽس سان تيستائين ڳنڍيو ويندو، جيستائين ان تي مڪمل عملدرآمد يقيني ٿئي.